# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVIII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXXVIII OF 2002
# سنڌ هاري جي حيثيت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH TENANCY (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. دفعه 25 جي شموليت

Insertion of section 25

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVIII مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXXVIII OF 2002
## سنڌ هاري جي حيثيت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002
## THE SINDH TENANCY (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[12 آڪٽوبر 2002]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ هاري جي حيثيت ايڪٽ، 1950 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ هاري جي حيثيت ايڪٽ، 1950 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ هاري جي حيثيت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

commencement
دفعہ 25 جي شموليت
Insertion of section 25

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ هاري جي حيثيت ايڪٽ ۾ دفعہ 24 کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

قرض جي حوالي سان عام گنجائشون.

"25. جيڪڏهن ڪجهہ متضاد نہ هجي:

(a) حاصل ڪيل بيانو (پيشگي) يا مقاطيعدار/هاري يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن رڪن طرفان حاصل ڪيل قرض؛

(b) مقاطيعدار/هاري يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن رڪن طرفان حاصل ڪيل اقتصادي ترجيحون؛ يا

(c) زميندار ۽ مقاطيعدار وچ ۾ معاهدو. يا

(d) مقاطيعدار/هاري يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن رڪن خلاف ٻي دعوي يا مطالبو.

ڪو بہ زميندار نہ ڪري سگهندو:

(i) مقاطيعدار/هاري کان بٽائي تي زرعي پيداوار مان ڪا اوڳاڙي نہ ڪندو يا هاري جي ڪنهن ٻي ملڪيت مان اوڳاڙي نہ ڪندو. سواءِ (a) جي جنهن تحت سنڌ ٽيڪننسي رولز ۾ بيان ڪيل تصديق ٿيل معاهدي موجب هاري کو قرض اڳواٽ ورتو هجي، ۽ (b) خرچ هن ايڪٽ تحت هاري طرفان برداشت ڪيو ويندو. بشرطيڪ ان سلسلي ۾ تڪرارن تي هن ايڪٽ تحت ٽربيونل طرفان ڏنل فيصلو حتمي هوندو ۽ هاريءَ ڏانهن ان حصي جي ادائگي، جيڪو حصو تڪرار ۾ نہ آهي، ان جي ادائگي طور تڪرار سبب

ڪٿوتي نہ ڪئي ويندي.

(ii) هاري يا ان جي ڪٽنب جي ڪنهن رڪن کي طلب مفت ۾ پورهيو وٺڻ يا انهن جي خواهش جي خلاف پورهيو وٺڻ تہ جيئن زميندار جو فائدو ٿئي طلب نہ ڪندو. يا

(iii) دائري جي حدن کان ٻاهر هاري يا ان جي ڪٽنب جي ڪنهن ميمبر کي نہ روڪيندو. يا

(iv) هاري يا ان جي ڪٽنب جي ڪنهن ميمبر تي ٻئي پاسي ڪم حاصل ڪرڻ ۾ ڪا رنڊڪ نہ وجهندو.

(v) روڪ ادائگي يا ٻئي ڪنهن معاوضي تي هاري يا هاريءَ جي ڪٽنب جي ڪنهن رڪن کي ڪنهن ٻئي زميندار يا ٻئي شخص ڏانهن مستقل طور يا عارضي طور منتقل نہ ڪري سگهندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**